

# رياست کي هيءُ ڏوهہ معاف نٿو ڪري سگهجي!

– جامي چانڊيو

21 سيپٽمبر 1996ع جي صبح جو هاڪر اخبار چا ڏئي ويو جڻ تہ دل ۾ روح مٿان وِڄُ ڪيرائي ويو. مون کي ياد آهي تہ مان عبدالله سينٽر ۾ پنهنجي فليٽ تي اڪيلو هئس ۽ اخبار تي هڪ نظر وجهڻ شرط اڻ ميي ڏک، پيڙا، ڪاوڙ ۽ نفرت جون گرم لهرون رڳو سرير مان ئي نہ پر روح جي تند تند مان پار ٿي ويون هيون. مير مرتضيٰ ڀُٽي جهڙي ڪونڌر پُٽ کي رياستي ادارن رستي ويندي واٽ ۾ گولين سان ساٿين سميت پروڻ ڪري ڇڏيو هو. مير مرتضيٰ ڀُٽي سان منهنجي ڪا بہ روبرو ملاقات نہ هئي، مان هن جو هم خيال ۽ هم سفر بہ نہ هئس، هن جي سياست ۽ حڪمت عملين جي انداز سان بہ مون کي تمام



گهڻا تحفظات محسوس ٿيندا هئا پر هن سان هميشہ محبت محسوس ٿيندي هئي، هن لاءِ دل ۾ احترام ۽ پيار جو جذبو هوندو هو- سبب تہ مون کي هن جي ڪمٽمينٽ، بهادريءَ ۽ Integrity تي شڪ نہ هو. مير مرتضيٰ ڀُٽو ڪرسي پرست ۽ موقعي پرست نہ هو، هن لاءِ سياست "ڌنڌو" نہ هئي، هو خوابن جي ساپيائن جو سوداگر نہ هو، هو نام نهاد جمهوريت پسندن جيان منافق نہ هو ۽ اڪثر ڪوڙن قومپرستن جيان ٺڳ ۽ ايجنٽ نہ هو. اهو ئي سبب هو جو هن جي ارڏائي رياست کي ناگوار لڳي ۽ ڪيس راهہ ويندي بيدرديءَ سان قتل ڪيو ويو. هن رياست گذريل سٺ سالن کان اسان جي خلاف اڻ ڳڻيا ڏوهہ ڪيا آهن، اسان جي وسيلن کي ڦُريو ۽ لُٽيو آهي،اسان جي آزاديءَ ۽ خود مختياريءَ کي سلب ڪيو آهي، انفرادي ۽ اجتماعي توهين ڪئي آهي پر هن جا اسان خلاف جيڪي معاف نہ ڪري سگهڻ جهڙا سنگين ڏوهہ آهن، مير مرتضيٰ ڀُٽي جو قتل بہ انهن مان هڪ آهي. وقت جي دفتر ۾ اهي سڀ ليکا درج ٿيل آهن ۽ هڪ ڏينهن اهو حساب ضرور ٿيندو.

مير مرتضيٰ ڀُٽو جيتوڻيڪ نظرياتي طور ڪو انقلابي نہ هو پر هو انقلابيت جي مٿيءَ مان ڳوهيل ضرور هو. هن جي سوچ، خواهشون ۽ خواب انقلابي هئا پر هن جو فڪر ۽ تربيت انقلابي نہ هئي. جي ڪيس سازگار حالتون، صحيح ليڊرشپ ۽ تربيت ملي ها تہ هن ۾ هڪ آدرشي انقلابي ٿيڻ جون سموريون خوبيون موجود هيون. هڪ جاگيردار طبقي منجهان ۽ بغير تربيت ۽ اڳواٽيءَ جي هو جنهن حد تائين انقلابي ٿي سگهيو ٿي، ان حد تائين هن کي غير روايتي معنيٰ ۾ هڪ انقلابي ضرور سڏي سگهجي ٿو. هن کي هن نظام ۽ ان جي سموري اسٽيٽسڪو کان سخت نفرت هئي. هن پنهنجي سياسي سفر ۾ وڏيرن، جاگيردارن ۽ سرمائيدارن کي نہ ڪنيو. اها ٻي ڳالهہ آهي تہ هن کي اها سمجهہ نہ آئي تہ بنيادي تبديليءَ لاءِ رڳو هٿياربند نوجوان ڪافي نہ هوندا آهن پر ان لاءِ سڀ کان اڳ غير معمولي سياسي ۽ فڪري سمجهہ ۽ منظم تربيت ۽ تنظيم گهرجي، جنهن جو وٽس ڪو بہ تصور نہ هو. مون کي ياد آهي تہ هڪ پيري علي قاضيءَ جي گهر مون مخدوم خليق الزمان سان مير مرتضيٰ جي سياست جي انداز جي باري ۾ انهن ئي خدشن ۽ تحفظات جو اظهار ڪيو هو ۽ ڪيس چيو هئم تہ هو منهنجا اهي ويچار هن تائين ضرور پهچائي. پنهنجن فڪري ۽ سياست جي ڪمزورين کان قطع نظر مير مرتضيٰ ڀُٽو هڪ نج نبار ماڻهو هو. هو چريائيءَ جي حد تائين بهادر ماڻهو هو، هو مخلص ۽ سچو ماڻهو هو. هن کي محسوس ڪندڙ ۽ دردمند دل هئي. هن کي هن سڄي ٺڳيءَ تي ٻڌل نظام کان سخت نفرت هئي ۽ هو سچ پچ بہ ماڻهن سان محبت ڪندو هو. هو چاهي ها تہ ذاتي طور هڪ حَسين ۽ پُرسڪون زندگي گذاري سگهي ها پر هن کي حُسناڪي محبت ۽ نفرت ۾ نظر آئي، جدوجهد ۽

ارڏائيءَ ۾ نظر آئي، هو بهادريءَ ۽ ڪمٽمينٽ کي حُسناڪي سمجھندو هو. هن کي واٽ سمجھ ۾ نہ آئي پر هو عوام جي زندگيءَ ۾ آزادي ۽ خوشحالي آڻڻ جا خواب ڏسندو هو ۽ پنهنجي انداز سان ان لاءِ جدوجهد ڪندو هو. مير مرتضيٰ جي شهادت سنڌ جي روح جو اهو گهاءُ آهي، جيڪو 11 سال گذرڻ باوجود پرجي نہ سگهيو آهي ۽ نہ ئي سنڌ پنهنجي هن بهادر پُٽ کي اڃ تائين وساري سگهي آهي.

هن ڪتاب ۾ اهي سمورا ليک شامل آهن، جيڪي مختلف ليکڪن مير مرتضيٰ ڀُٽي جي شهادت جي موقعي تي مختلف اخبارن ۾ لکيا هئا، جن کي دوست ممتاز گوپانگ سهيڙي ڪتابي شڪل ڏني آهي. جيتوڻيڪ هنن مان ڪنهن بہ ليک جو ليکڪ هن جي پارٽيءَ سان وابستہ نہ هو پر ڪتاب پڙهي محسوس ٿيندو تہ ماڻهن هن سان ڪيتري نہ محبت ٿي ڪئي ۽ مير مرتضيٰ جي شهادت کي سنڌ جي هر ماڻهو ڪيئن نہ پنهنجي روح جي گهراين مان محسوس ڪيو هو. مير مرتضيٰ ڀُٽو هڪ اهڙو ڪردار هو، جنهن جي زندگيءَ ۽ شهادت تي هڪ زبردست ناول لکي سگهجي ٿو ۽ ڪنهن کي ان موضوع تي قلم کڻڻ گهرجي.

مير مرتضيٰ ڀُٽي جي زندگيءَ تي دوست ممتاز گوپانگ طرفان سهيڙيل هن ڪتاب جي ڪاوش ان ڳالهہ جو ثبوت آهي تہ سنڌ پنهنجي هن بهادر پُٽ کي اڃا نہ وساريو آهي. جڏهن بہ سنڌ ۾ آزادي، امن ۽ خوشحاليءَ جي خواب ساپيان ماڻي تہ ان ۾ مير مرتضيٰ جي عوام سان محبت ۽ ڏنل قربانين جي پتيءَ کي ڪير بہ وساري نہ سگهندو. هو اسان جي دلين ۽ محبتن ۾ اڃ بہ زندهہ آهي.